# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1983

# زرعي پيداوار مارڪيٽون (ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE AGRICULTURAL PRODUCE MARKETS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Punjab Ordinance V of 1939

3. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 4_A جي ترميم

Amendment of section 4_A of Punjab Ordinance V of 1939

4. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Punjab Ordinance V of 1939

5. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Punjab Ordinance V of 1939

6. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Punjab Ordinance V of 1939

7. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 19 جي ترميم

Amendment of section 19 of Punjab Ordinance V of 1939

8. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ A_24 جي ترميم
Amendment of section 24_A of Punjab Ordinance V of 1939
9. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Punjab Ordinance V of 1939
10. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 27 جي ترميم
Amendment of section 27 of Punjab Ordinance V of 1939
11. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Punjab Ordinance V of 1939
12. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 32 جي ترميم
Amendment of section 32 of Punjab Ordinance V of 1939
13. 1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 34 جي ترميم
Amendment of section 34 of Punjab Ordinance V of 1939

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1983

## زرعي پيداوار مارڪيٽون (ترميم) آرڊيننس، 1983

## THE AGRICULTURAL PRODUCE MARKETS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[7 ڊسمبر 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي زرعي پيداوار مارڪيٽون (ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of

2. زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به حوالو ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 4 ۾، ذيلي دفعات (2) ۽ (3) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

section 4 of Punjab Ordinance V of 1939

“(2) اهڙي نوٽيفڪيشن جي تاريخ کانپوءِ ۽ دفعه 7 تحت مارڪيٽ ڪميٽي قائم ٿيڻ کانپوءِ، ڪو به شخص، جيستائين ڪجھه ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي ڪيس هن ايڪٽ تحت ڇوٽ نه هجي، ڄاڻايل مارڪيٽ علائقي ۾ ڪا اهڙي جڳهه ٺاهي نٿو سگهي جيستائين زرعي پيداوار جي خريداري، ذخيري يا وڪري لاءِ لائسنس جي شرطن ۽ ضابطن مطابق هجي.

(3) حڪومت ذيلي دفعه (1) جي گنجائش موجب ڪنهن علائقي کي ڪنهن ڄاڻايل مارڪيٽ علائقي کان ٻاهر ڪڍي يا شامل ڪري سگهي ٿي.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 4_A جي ترميم
Amendment of section 4_A of Punjab Ordinance V of 1939

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 4_A ۾، لفظن “ڄاڻايل طريقيڪار موجب” کانپوءِ لفظن “۽ اهڙي زرعي پيداوار جي صورت ۾ اها عام نيلامي ذريعي وڪرو نه ڪئي ويندي، اها اهڙي طريقيڪار موجب وڪرو ڪئي ويندي جيئن ڄاڻايو ويو هجي” کي شامل ڪيو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Punjab Ordinance V of

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن “ڪو شخص جيڪو ڄاڻايل مارڪيٽ ايريا ۾ ڊيلر طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿو اهو درخواست ڏئي سگهي ٿو” لاءِ لفظن “ڪو شخص جيڪو ڄاڻايل مارڪيٽ ايريا ۾ ڪم ڪري ٿو يا ڊيلر طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿو اهو درخواست ڏيندو” کي متبادل بڻايو ويندو.

1939

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Punjab Ordinance V of 1939

5. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (3) ۾:
(i) شقن (a) ۽ (b) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظ "ضلعي" لاءِ لفظن "جاڻايل مارڪيٽ ايريا" سان متبادل بڻايو ويندو.
(ii) شقن (a) ۽ (b) جي ذيلي شق (iii) ۾، لفظ "ترجيحي طور" کي ختم ڪيو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Punjab Ordinance V of 1939

6. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، انگ "10" لاءِ انگ "11" کي متبادل بڻايو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Punjab Ordinance V of 1939

7. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 19 ۾:
(a) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "اها طئي ڪري سگهي ٿي پر اهڙو ريٽ جيڪو وڌ ۾ وڌ ريٽ کان وڌيڪ نہ هجي" لاءِ لفظن "ٿي سگهي ٿو" کي متبادل بڻايو ويندو.
(b)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن، انگن ۽ ڏنگين "ذيلي دفعہ (1) تحت فيءِ جو ويهہ سيڪڙو" لاءِ لفظن "مارڪيٽ ڪميٽي جي سموري ڪمائي جو پندرنهن سيڪڙو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 24_A جي ترميم
Amendment of section 24_A of Punjab Ordinance V of 1939

8. دفعہ 24_A ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "حڪومت" کي لفظن ۽ ڪامائن "ڊائريڪٽر، جنرل بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(b) ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "صوبائي حڪومت" لاءِ لفظن ۽ ڪامائن "ڊائريڪٽر جنرل، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(c) ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Punjab Ordinance V of 1939

9. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ فل اسٽاپ کان اڳ لفظ "۽ ڏنڊ جي رقم جي ادائگي ۾ ناڪامي تي سزا يافتہ کي وڌيڪ عام قيد جي سزا ملندي جيڪا هڪ مهيني کان وڌيڪ نہ هوندي" شامل ڪيا ويندا.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعہ 27 جي ترميم
Amendment of section 27 of Punjab Ordinance V of 1939

10. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:

(a) شق (vii) ۾ لفظ "وڌ ۾ وڌ" ختم ڪيا ويندا؛ ۽

(b) شق (xix) ۾ لفظ "مارڪيٽ" کانپوءِ لفظ "۽ اهڙي صورت ۾ جتي زرعي پيداوار عام نيلامي ذريعي وڪرو نہ ڪري سگهجي، طريقيڪار جنهن موجب اها وڪرو ڪئي ويندي" شامل ڪيا ويندا.

1939 جي پنجاب

11. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 28 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ آخر ۾

اينديڙ لفظن "پنجاهه رپيا" کي لفظن "پنج سئو رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

ايڪٽ V جي دفعه 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Punjab Ordinance V of 1939

12. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 32 ۾، لفظ "ڪمشنر" کي لفظن ۽ ڪامائن "ڊائريڪٽر جنرل، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو.

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 32 جي ترميم
Amendment of section 32 of Punjab Ordinance V of 1939

13. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 33 کانپوءِ، هيٺين دفعه جو اضافو ڪيو ويندو:

"34. **زمين حاصل ڪرڻ.** جتي مارڪيٽ ڪميٽي طرفان هن ايڪٽ تحت ڪي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا زمين طلب ڪئي وڃي، اها زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 تحت حاصل ڪئي ويندي، ۽ مارڪيٽ ڪميٽي ڊائريڪٽر جنرل، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائيسز سنڌ جي اڳواٽ منظوري سان، حڪومت کي زمين جي حاصلات لاءِ لکي سگهي ٿي."

1939 جي پنجاب ايڪٽ V جي دفعه 34 جي ترميم
Amendment of section 34 of Punjab Ordinance V of 1939

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**